SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1999

# SINDH ACT NO.VI OF 1999

# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ڪجهه دفعات جي ترميم
Amendment of certain sections of Sindh Act XI of 1989

3. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI ۾ دفعه 5_B جو اضافو
Addition of section 5_B in Act XI of 1989

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1999

# SINDH ACT NO.VI OF 1999

# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

[27 مارچ 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

سنڌ جي 1989 جي ايڪٽ XI جي ڪجهه دفعات جي ترميم
Amendment of certain sections of Sindh Act XI of 1989

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾، دفعہ 4 ۾، دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ۽ دفعہ 9 ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "گورنر" کي متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ جي 1989 جي ايڪٽ XI ۾ دفعہ 5_B جو اضافو
Addition of section 5_B in Act XI of 1989

3. چاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 5_A کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

**(اعزازي ميمبرن جي مقرري)** "5_B. (1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، گورنر اهڙي عرصي لاءِ اعزازي ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو، جيڪو نوي ڏينهن کان وڌيڪ نہ هجي، اهڙي اعزازي معاوضي تي جيئن گورنر طئي ڪري.

(2) اعزازي ميمبر هن ايڪٽ تحت مليل ڪمن موجب ڪميشن سان سهڪار ڪندو.

(3) اعزازي ميمبر، جيستائين اڳواٽ هٽايو نہ وڃي، گورنر کي خط ذريعي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

4. چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۽ (2) ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "گورنر" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) وضاحت ۾، پهريون پيرو ايندڙ لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ

“گورنر” کي متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**